SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXVIII OF 2001

سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، مجريہ 1973 جي دفعہ (i)13 جي ترميم
Amendment of Section 13 (i) of Sindh Civil Servants Act 1973.

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXVIII OF 2001

سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[8 ڊسمبر 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو؛

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان ۽ 1999 تي جاري ڪيل پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ فوري قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهنڪري مٿيون ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جي پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر 9 ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي گورنر خوشيءَ سان

هيٺيون آرڊيننس ٺاهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، مجريہ 1973 جي دفعہ (i)13 جي ترميم
Amendment of Section 13 (i) of Sindh Civil Servants Act 1973.

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 (سنڌ ايڪٽ XIV مان 1973) جي دفعہ 13 ۾ شق (i) جا الفاظ "پنجويهہ" جي جاءِ تي "ويهہ" جا الفاظ متبادل سمجهيا ويندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.